**Irrigation Department**
Government of Sindh

# ڀٽاسرو، سهريو واهه، نامارو، ويڪاسر، گوڏرو-2، سوڏران، آڏيگام-سيد عالم شاهه، لياري-1، جهنجهو، پاٽر ۽ ٽڙگام پوڏيسر ننڍن ڊئمن جي ماحولياتي ۽ سماجي انتظامي رٿا جو خلاصو









سنڌ ريزيليئنس پروجيڪٽ (آبپاشي کاتو)

فيبروري 2021

سنڌ ريزيليئنس پروجيڪٽ
آبپاشي کاتو حڪومت سنڌ

# پٽاسرو، سهريو واهه، نامارو، ويڪاسر، گوڏرو-2، سوڏران، آڏيگام-سيد عالم شاهه، لياري-1، جهنجهو، پاٽر ۽ تڙگام پوڏيسر ننڍين ڊئمن جي ماحولياتي ۽ سماجي انتظامي رٿا جو خلاصو

سنڌ حڪومت عالمي بئنڪ جي مالي مدد سان هڪ منصوبي سنڌ ريزيلئينس پروجيڪٽ (ايس آر پي) تي عملدرآمد ڪري رهي آهي. هن منصوبي تي صوبي جي مختلف علائقن ۾ آبپاشي کاتي (ايس آءِ ڊي) ۽ صوبائي ڊزاسٽر مئنيجمينٽ (پي ڊي ايم) طرفان ڪم ڪيو پيو وڃي. ايس آر پي تحت جِن منصوبن تي عملي ڪم ڪيو ويو آهي، اُن ۾ سنڌو درياهه جي مٽي جي بندن جي بحاليءَ بهتري ۽ صوبي جي پاڻي جي ڪوٽ وارن علائقن ۾ برساتي پاڻي جي ذخيرن (ننڍين ڊئمن) جي اڏاوت شامل آهن. گذريل ٻن سالن دوران 14 ڊئمن تي ڪم شروع ڪيو ويو، جيڪي هاڻي مڪمل ٿيڻ جي مرحلي ۾ آهن. هاڻي عالمي بئنڪ جي اضافي مالي مدد سان ايس آر پي تحت برساتي پاڻي ذخيرو ڪرڻ لاءِ اجا ٻه وڌيڪ 11 ننڍا ڊئمن ناهڻ جو منصوبو جوڙيو آهي، جن ۾ پٽاسرو، سهريو واهه، نامارو، ويڪاسر، گوڏرو-2، سوڏران، آڏيگام-سيد عالم شاهه، لياري-1، جهنجهو، پاٽر ۽ تڙگام پوڏيسر شامل آهن، اُهي ٿرپارڪر ضلعي جي تعلقي ننگرپارڪر ۾ واقع آهن.

عالمي بئنڪ جي رهنما پاليسين جون گهرجون پوريون ڪندي قومي توڙي صوبائي سطح تي لاڳو قانونن جي پاسداري ڪرڻ لاءِ هڪ ماحولياتي ۽ سماجي تجزيو ڪيو ويو آهي، ته جيئن ايس آر پي – اي ايف (اضافي مالي معاونت) تحت تجويز ڪيل ڪمن جي امڪاني منفي اثرن کي گهٽائي سگهجي. ضمني منصوبن جي ماحولياتي درجه بندي ماحولياتي ۽ سماجي مشاهدي کي ڪتب آڻيندي ڪئي وئي آهي. اهي ضمني منصوبا امڪاني طور ماحولياتي ۽ سماجي اثرن کي وچولي ڪان هيٺئين درجي تائين ماحولياتي ۽ سماجي اثر وجهي سگهن ٿا، تنهن ڪري اُهي ماحولياتي درجه بندي جي معيار تحت B درجي ۾ اچن ٿا، جنهن کي ماحولياتي ۽ سماجي انتظام جي ڍانچي (اي ايس ايم ايف) ۾ واضح ڪيو ويو آهي. اهو دستاويز هن منصوبي لاءِ ناهيو ويو هو ۽ ماحولياتي ۽ سماجي انتظامن جو هي دستاويز عالمي بئنڪ جي B درجي وارن منصوبن تي ڪم بابت گهرجون پوريون ڪندي تيار ڪيو ويو آهي.

اي ايس ايم پي دستاويز ضمني منصوبن جي علائقن بابت طبعي، حياتياتي، سماجي، معاشي ۽ ماحولياتي پهلوئن جي جاچ مهيا ڪري ٿو. هي دستاويز منصوبي تي عملدرآمد دوران ننڍن

اپائڻ جو مجموعو فراهم ڪري ٿو، ۽ ماحولياتي توڙي سماجي ناڪاري اثرن کي قبول جوڳي حد تائين ختم ڪرڻ لاءِ خاڪو مهيا ڪري ٿو.

ذيلي منصوبا سنڌ جي ضلعي ٿرپارڪر جي علائقي ننگرپارڪر ۾ واقع آهن. ذيلي منصوبن وارن علائقن ۾ مقامي آبادي زراعت توڙي پيئڻ لاءِ زمين جي چيڙي ۽ جر جو پاڻي استعمال ڪندي آهي. خطي جي مختلف علائقن ۾ جر جي پاڻي جي اونهائي 40 کان 180 فوٽن تائين آهي. ٻن سالن تائين برسات جو وسڪارو نہ ٿئي تہ زمين تي سطح تي موجود پاڻي خُشڪ ٿي ويندو آهي ۽ ماڻهن وٽ پوکي توڙي پيئڻ جيترو بہ پاڻي نہ بچندو آهي.

تجويز ڪيل ننڍن ڊئم جي اڏاوت سان مقامي آبادي لاءِ جر جو پاڻي ڊگهي عرصي تائين دستياب هوندو. ڊئمن ۾ ذخيرو ٿيل پاڻي پرپاسي جي چوپائي مال کي پيئڻ جو ۽ زرخيز زمين کي گهٽ نقصان ٿيندو. تعمير ٿيل ڍانچو ٻوڏ جي وهڪرن جي رفتار ۽ شدت کي گهٽائي ڇڏيندو، ۽ زرخيز زمين کي گهٽ نقصان ٿيندو. ان سان گڏ لنڪ روڊ، بجلي جا ٿنڀا ۽ مقامي انساني آبادين کي ٿيندڙ نقصانن ۾ بہ گهٽتائي ايندي. هن خطي ۾ پاڻي جي عدم دستيابي سبب زراعت تمام گهڻي متاثر ٿئي ٿي. نتيجي طور برساتي پاڻي تي ٿيندڙ فصل پيداواري صلاحيت ۽ گهم جي دٻاءُ گهٽجڻ سبب گهٽجي وئي آهي.

جوئر، گوار ۽ ارنڊي جا فصل روايتي طور سانوڻي جي برسات ۾ پوکيا ويندا آهن، جڏهن تہ جوَ ۽ ساڱ جا فصل سياري جي مُند ۾ ٿين ٿا. ان ڪانسواءِ انسانن جي استعمال لاءِ اناج اپائڻ سوڌو چوپائي مال جي خوراڪ جو بہ مُکيہ ذريعو آهن. مقامي آبادي لاءِ چوپايو مال مُکيہ ۽ بُنيادي وسيلو آهي. اُنهن علائقن ۾ پاڻيءَ جي کوٽ ۽ چاري جي گهٽتائي چوپائي مال جي صحت کي بدترين نموني متاثر ڪيو آهي. چوپائي مال کير ڏيڻ گهٽائي ڇڏيو، جنهن جا ماڻهن جي آمدني ۽ غذائي حالت تي انتهائي ناڪاري اثر پيا آهن. ماڻهو چارو نہ هجڻ سبب پنهنجو مال ٻئراجي علائقن ڏانهن منتقل ڪرڻ تي مجبور ٿي ويندا آهن، جڏهن تہ اُهي علائقا پاڻ بہ پاڻي جي کوٽ کي منهن ڏئي رهيا آهن.

ٿرپارڪر ضلعي جي علائقي ننگرپارڪر ۾ اهي ڊئم برساتي پاڻي کي گڏ ڪرڻ سان گڏ زيرِ زمين پاڻي جي سطح ۾ اضافو ڪندا. زير زمين پاڻي کي ٽيوب ويلن ۽ کوهن ذريعي پيئڻ لاءِ ڪتب آندو ويندو. هن سيڙپڪاري يا ڊئمن ذريعي زير زمين پاڻي حاصل ڪرڻ سان گڏ، مقامي انساني آبادي توڙي چوپائي مال لاءِ چراگاهن جي ويجهو پاڻي جي ذخيري کي فائدو ٿيندو.

ننڍن ڊئمن جي اڏاوت جو مُکيہ مقصد پاڻي ذخيرو ڪرڻ آهي، جنهن ۾ زرعي سرگرمين کي هٿي ڏيڻ وارو عمل چاڙهي واڌي شامل نہ ڪيو ويو آهي. ٻئي پاسي گهريلو استعمال، چوپائي مال ۽ جهنگلي جانورن جي پيئڻ لاءِ بہ پاڻي تجويز ڪيل ڊئمن جي ذخيري مان سڌي ريت

حاصل ڪري سگهجي ٿو. مڪاني حڪومتن طرفان ڳوٺن لاءِ پاڻي صاف ۽ مهيا ڪرڻ جو نظام ٻئين مرحلي ۾ تعمير ڪيو ويندو.

ننگرپارڪر هڪ ريگستاني علائقي ۾ واقع آهي. جتي پاڻي جي کوٽ هجي ٿي ۽ ٿوٽ ٿيل زميني سطح ٻوڙن ۽ ٻوٽن تي مشتمل هوندي آهي. مُکيہ فطري ايراضي گاهن سان ڍڪيل آهي، اُهي گاهہ چوپائي مال لاءِ غذائيت سان ڀرپور چارو آهن. ٻٻر، ٽالهي، نم، ڄار ۽ ڪنڊي اهڙن وڻن يا ٻوٽن ۾ شمار ٿين ٿا، جيڪي هن خطي ۾ موجود آهن. هن علائقي ۾ پاڻي جو مُکيہ ذريعو مُندائتي برسات آهي، جنهن سان زيرِ زمين پاڻي جي سطح وڌي ٿي ۽ زمين جي سطح تي ساوڪ ايري ٿي ۽ جهنگلي گاهہ ڦٽن ٿا. اهي بہ چوپائي مال جو اهم چارو آهن. ڪجهہ علائقن ۾ مقامي فصل پوکڻ لاءِ برساتي گهر ڪي بہ ڪتب آندو ويندو آهي. برساتي پاڻي مختلف نئين ۾ وهي ٿو ۽ آخر ۾ رڻ ڪڇ ۾ ڇوڙ ٿيندو آهي.

ننگرپارڪر جي مختلف حصن ۾ پيئڻ جي پاڻي جو مُکيہ ذريعو کوٽيل کوهہ آهن ۽ اُنهن جي اونهائي 40 کان 180 فُٽ آهي. پاڻيءَ جي ٻين مُندائتن ذريعن منجهہ مٽيءَ سان ناهيل ترايون آهن ۽ اُنهن کي زمين جي سطح تي موجود پاڻي سان ڀريو ويندو آهي. تراين کي برساتي پاڻي سان ڀريو ويندو آهي، خاص ڪري ترايون چوماسي جي مُند ۾ ڀريون وينديون آهن. انهن ۾ انساني آبادي ۽ چوپائي مال لاءِ 2 کان 6 مهينن تائين پاڻي موجود هوندو آهي، تراين وسيلي جر جي سطح ۾ بہ اضافو ٿيندو آهي. هن خطي ۾ عورتون 2 کان 10 ڪلوميٽرن تائين فاصلو پيرين پنڌ طئہ ڪري مٽيءَ جي ٺهيل تراين مان پاڻي ڀرينديون آهن. ننگرپارڪر علائقي ۾ ايس آر پي — اضافي مالي معاونت تحت ننڍا ڊئم تجويز ڪيا ويا آهن.

تجويز ڪيل ڍانچا پيئڻ جي پاڻي جي کوٽ جو مسئلو حل ڪندا ۽ مقامي آبادي کي نسبتن ڊگهي عرصي لاءِ سڄو سال منو پاڻي مهيا ٿيندو. اُنهن تجويز ڪيل ڊئمن جي اڏاوت سان (مٽانهين وهڪري ۽ خصوصي طور 5 ڪلوميٽر قطر جي هيٺانهين وهڪري ۾ ايندڙ) اٽڪل 25 ڳوٺن کي فائدو پهچندو، جتي 6،105 خاندان آباد آهن ۽ جن ۾ 48،840 عورتون توڙي مرد شامل آهن. گذريل ٽن چئن سالن کان مناسب برساتون نہ پوڻ ڪري ٿرپارڪر سوڌو سنڌ جي ٻين ريگستاني علائقن ۾ ڏڪار جي صورتحال پيدا ٿي وئي آهي.

منصوبي جا مقصد حاصل ڪرڻ بابت مختلف طريقن جو جائزو وٺڻ لاءِ هڪ متبادل مشاهدو ڪيو ويو، جِن جا ڪجهہ ماحولياتي ۽ سماجي معاشي اثر ٿي سگهن ٿا. ڊئم بند ٻڌي ناهيا ويندا، جِن جي اڏاوت مقامي مٽي ۽ حفاظتي پٿرن جي استعمال سان ڪئي ويندي. جتي مٿانهين وهڪري جي لاهي لاءِ وڏن پٿرن جو روڙهو موجود نہ هجي، اُتي ڪاٽُن مان چُن جو پٿر بہ حاصل ڪري سگهجي ٿو. ڊئم جي مرڪزي حصي ۾ ڪنڪريٽ جو اسپل وي ناهيو ويندو تہ جيئن نئن جي مٿانهين وهڪري لاءِ محفوظ رستو ملي سگهي. هن قسم جا ننڍا

ڊئم ٻنهہ ڪارائتا آهن، مقامي سطح جي سامان ۽ تعميراتي صنعت جو استعمال، زيرِ زمين پاڻي جي ذخيري جي اڏاوت وقت ڊگهي عرصي لاءِ پاڻي جو ذخيرو، اهي سڀ منصوبي جا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ مناسب حل طور تجويز ڪيا ويا آهن.

ذيلي منصوبن لاءِ ڪابہ نجي زمين گهربل نہ آهي، ڇاڪاڻ جو نئيون رياست جي ملڪيت آهن. اُن سان گڏ ڪوبہ ڍانچو نہ ڊانو ويندو ۽ ڪنهن ڪي بہ ٻيهر آباد ڪرڻ جي ضرورت نہ هوندي. ڇو جو ضمني منصوبا جن علائقن ۾ آهن، اُتي آبادي تمام گهٽ يا ٽڙيل پکڙيل آهي. البتہ نجي يا غير سرڪاري غيرآباد زمين عارضي طور استعمال سان سماجي ماحولياتي اثر پئجي سگهن ٿا.

ڪيمپ جي تعمير لاءِ رڳو نجي يا سرڪاري ملڪيت ۾ آيل زمين جي عارضي استعمال، ڊئم جي اڏاوت لاءِ گهربل مٽي جي کوٽائي، ٻاهرين مزدورن جي آمد، نباتات جي نقصان، گندڪچرو ۽ ملازمت ڪندڙ ماڻهن جي صحت ۽ تحفظ سبب سماجي توڙي ماحولياتي اثر پئجي سگهن ٿا، جنهن لاءِ ماحولياتي ۽ انتظامي رٿا (اي ايس ايم پي) تيار ڪئي وئي آهي. ڊئمن جي ذيلي منصوبن ۾ 15 کان 19 فوٽ اونچا مٽيءَ جا بند ٺاهڻ ۽ سيمينٽ جو ٺهيل اسپل ويز شامل آهي.

ڊئمن جي مجموعي اڏاوت دوران ٺيڪيدارن طرفان اٽڪل 250 کان 350 ڌائين پورهيت ڀرتي ڪيا ويندا. جڏهن تہ سندن ٺيڪي جي عرصي ۾ سندن روزگار ڪي تحفظ ڏنو ويندو. ٺيڪيدارڪنهن بہ سماجي مسئلي کان بچڻ لاءِ عملي ۾ ٻاهرين سان گڏ مقامي ماڻهن کي بہ ڀرتي ڪرڻ جو پابند هوندو. مقامي وڪرو ڪندڙن يا وينڊر کي ڪيمپ لاءِ شين جي خريداري ۽ خدمتون حاصل ڪري روزانو جي بُنيادن تي ڏنڌو ڏنو ويندو. ٺيڪيدار پنهنجي ملازمن يا پورهيتن لاءِ قائدن ۽ ضابطن ۾ ڪووڊ-19 ۽ جنسي طور منتقل ٿيندڙ بيمارين (ايڇ آءِ وي/ايڊز) بابت ڄاڻ مهيا ڪندو. ايس آر پي تحت ڀرين تعمير ٿيل ٻين ڊئمن سان اضافي معاونت تحت تجويز ڪيل ڊئمن تي عملدرآمد سان هاڪاري ماحولياتي اثر پوندا. اُن ۾ نباتات جي بحالي ۽ زراعت جي واڌ ويجهہ شامل آهي. تجويز ڪيل ڊئم مڪمل ٿيڻ کانپوءِ (عملدرآمد جي مرحلي ۾) مجموعي طور پاڻي ذخيرو ڪرڻ ۽ برساتي ۾ پيداوار لاءِ مددگاري اثر وجهندا. زيرِ زمين پاڻيءَ جي پائيدارنموني موجودگي سان حيوانات، نباتات (وڻ ۽ ٻاجيون) ۾ اضافو ٿيندو. ڊئمن جي سمورين جاين تي هنگامي حالتن کي منهن ڏيڻ لاءِ منصوبو جوڙيو ويندو، جيڪو ڊئم ٽٽڻ جي صورت ۾ فعال ٿي ويندو.

تعميرات سان لاڳاپيل اثرن جهڙوڪ، فضائي ۽ آواز جي گدلاڻ، آبادي جي وسيلن جي استعمال کي بهتر عملدرآمد جي ذريعي گهٽايو ويندو. اُن کانسواءِ تجويز ڪيل ڊئمن جي تعمير ذيلي منصوبن جي علائقن جي ماحولياتي حالت کي بهتر بڻائيندي، جيڪي مذڪوره

ڊئمن بنا نسبتن سوڪهڙي ڪي منهن ڏين ٿا. نئيا ڊئم اهڙن علائقي جي ماحولياتي قدر ۾ اضافو ڪندا، جيڪي گهٽو ڪري شديد ڏڪار ڪي منهن ڏيندا آهن. اهي ڊئم هن علائقي جي رهواسين سڌو جهنگلي جيوت لاءِ بہ پيئڻ جو پاڻي مهيا ڪندا. جڏهن تہ رپورٽ ۾ تجويز ڪيل ننڍن اپائن تي ٺيڪيدارن طرفان اڏاوت دوران سختي سان عمل ڪرڻ جي ضرورت هوندي. ڊئم ٺاهڻ واري جاءِ تي مشينري ۽گاڏين جي مناسب جانچ توڙي سار سنڀال سان امڪاني ناڪاري اثرن کي گهٽائي سگهجي ٿو. اهڙن ٻين اپائن ۾ ڳري مشينري جو آواز دٻائڻ واري اوزار يا مفلر جو استعمال، ڪچن رستن تي ڇٽڪار، اڏاوتي ملبي/گندڪچري کي فوري هٽائڻ سان خراب اثرن تي ضابطو، پاڻي کي گدلو ٿيڻ کان بچائڻ لاءِ مناسب ذخيري جو انتظام ڪرڻ، استعمال ٿيل تيل کي نڪاڻي لڳائڻ ۽ گدلي پاڻي کي صاف ڪرڻ جو انتظام شامل آهن. جڏهن تہ انهن اپائن ۾ لڳاتار صفائي سترائي جو انتظام بہ شامل آهي.

ملازمت ڪندڙ ماڻهن جي صحت ۽ تحفظ کي جن اپائن ذريعي يقيني بڻايو ويندو، اُنهن ۾ حادثن ۽ بيمارين جي روڪٿام لاءِ لڳاتار معائنو، مزدورن ۽ آبادي ۾ جاڳرتا، صفائي جو بندوبست، ڪورونا کي منهن ڏيڻ لاءِ انتظام، نگراني ۽ بچاءَ جو طريقو، هنگامي حالتن کي منهن ڏيڻ لاءِ اپاءَ ۽ طريقيڪار، صفائي جي مناسب سهولتن جي فراهمي، پيئڻ جو صاف پاڻي ۽ مزدورن کي گندڪچري جي دٻن جي فراهمي شامل آهن. ذيلي منصوبا اي ايس ايم پي ۾ بيان ڪيل ننڍن اپائن تي عملدرآمد سان علائقي جي طبعي، حياتياتي، سماجي، معاشي ۽ ماحولياتي صورتحال تي ڪي بہ منفي اثر نہ وجهي سگهندا. البتہ ان سان انتهائي اهم مثبت اثر ضرور پوندا، جنهن سان علائقي ۾ پائيدار ترقي ٿيندي. ان سان گڏ هي دستاويز ادارتي انتظامن جو هڪ خاڪو بيان ڪري ٿو، جنهن ۾ منفي اثرن کي گهٽائڻ لاءِ گهربل قد کڻڻ، انهن جي نگراني، فيلڊ واري عملي جون صلاحيتون وڌائڻ لاءِ تربيت جو بندوبست ڪرڻ، عملدرآمد ۽ خرچ جو ڪاٿو، ۽ شڪايتن جي ازالي وارو طريقيڪار (جي آر ايم) شامل آهن. مقامي ماڻهن، حڪومتي شعبن ۽ اين جي اوز سوڌو سمورين لاڳاپايل ڌرين سان صلاح مشورا ڪري هي دستاويز تيار ڪيو ويو آهي. ماحولياتي ۽ سماجي تحفظ جي حوالي سان لڳاتار نگراني ڪئي ويندي تہ جيئن منفي اثر گهٽائڻ وارن اپائن تي لڳاتار ۽ اثرائتي نموني عمل يقيني بڻائي سگهجي. اُنهن تي ٽن سطحن تي عمل ڪيو ويندو.

پروجيڪٽ مئنجمينٽ ٽيم (پي ايم ٽي) جي سطح تي، ماحولياتي ۽ سماجي ماهر منفي اثر گهٽائڻ وارن اپائن تي اثرائتي نموني عملدرآمد يقيني بڻائڻ لاءِ حفاظتي نگراني ڪندا، اُن سان گڏ روزانو بنيادن تي فيلڊ وزٽ ڪندا. فيلڊ جي سطح تي، پروجيڪٽ امپليمينٽيشن ڪنسلٽنٽس (پي آءِ ايس سي) سان لاڳاپيل عملي طرفان وڌيڪ تواتر سان نگراني ڪئي ويندي. ٽئين مرحلي ۾ پي آءِ ايس سي ۽ پي ايم ٽي جو ماحولياتي ۽ سماجي انتظامن

جو شعبو اي ايس ايم پي تي عملدرآمد لاءِ ماهوار، ٽه ماهي ۽ سالياني رپورٽس ٺاهيندو. سنڌ ريزيليئنس پروجيڪٽ (ايس آر پي) تي عملدرآمد سان گڏ اِي ايس ايم پي تي عملدرآمد ڪرڻ جي مجموعي ذميواري، پروجيڪٽ مئنجمينٽ ٽيم (پي ايم ٽي) آبپاشي کاتي سنڌ حڪومت مٿان آهي، جنهن جو سربراهه پروجيڪٽ ڊائريڪٽر آهي.

پروجيڪٽ مئنجمينٽ ٽيم کي ماحولياتي ۽ سماجي انتظامي يونٽ (اي ايس ايم يو) جي مدد حاصل آهي، جيڪو پي ايم ٽي ۾ ئي قائم ٿيل آهي. پي ايم ٽي طرفان منصوبي تي عملدرآمد، مدد ۽ نگران ڪنسلٽنٽس (پي آءِ ايس ايس سي) کي هن عمل ۾ شامل ڪيو ويو آهي، جِن تي اڏاوتي ڪم جي نگراني جي ذميواري آهي. پي آءِ ايس ايس سي وٽ اي ايس ايم پي تي ڪم ۽ اُن جي نگراني لاءِ ماحولياتي ۽ سماجي ماهر پڻ موجود آهن. آخر ۾ تعميراتي ٺيڪيدار ٻه صحت، ماحولياتي ۽ سماجي تحفظ جا انسپيڪٽر/آفيسر ٻه مقرر ڪندو، اُهي منفي اثر گهٽائڻ وارن اپائن تي عمل ۽ ٻيون گهرجون پوريون ڪرائڻ جا ذميوار هوندا، جيڪي هن اي ايس ايم پي ۾ بيان ڪيل آهن. ان مقصد لاءِ اڏاوتي معاهدي يا ٺيڪي ۾ مناسب شقون شامل ڪيون ويون آهن. پي ايم ٽي طرفان سماجي نگراني لاءِ صلاحڪارن جون خدمتون حاصل ڪيون ويون آهن، جيڪي پنهنجي طور ذيلي منصوبن جي سرگرمين جي نگراني ۽ تصديق ڪندا.

ڊئمن جي ٽٽڻ بابت ڊئم بريڪ اپياس مان اهو نتيجو ڪڍيو ويو آهي ته سمورن 11 ڊئمن وارو علائقو ننڍو آهي ۽ ڏهائي 27 چورس ڪلوميٽرز کان وڌيڪ ناهي. تنهن ڪري بدترين صورتحال (گڏيل ڊئم کي گهارو+ 100 سالا ٻوڏ) ۾ هن علائقي جو 40.35 چورس ڪلوميٽر (15.58 چورس ميل) حصو پاڻي هيٺ اچي سگهي ٿو، ۽ بدترين صورتحال ۾ 3،382 ماڻهو متاثر ٿي سگهن ٿا. ڊئمن کي گهارن جي نتيجي ۾ مجموعي طور پاڻي هيٺ آيل علائقا ننڍا آهن ۽ ڊئمن کي گهارن جي صورت ۾ متاثر ٿيل آبادي گهٽ آهي.

بُنيادي اثرن واري علائقي جو سرزمين تي ايچ اي سي آر اي ايس (HECRAS) ۽ گوگل ميپ سافٽ ويئر ذريعي جائزو ورتو ويو، ته جيئن تعمير دوران، ڊئم جي ٽٽڻ، 100 سالا ٻوڏ ۽ گڏيل ڊئم کي گهاري+ 100 سالا ٻوڏ جي صورت ۾ متوقع نقصان جو ڪاٿو لڳائي سگهجي، جنهن ۾ وڻ ٻُوٽا، وڻ ٻوٽا ۽ پاڻي جي نلڪن جو متاثر ٿيڻ شامل آهي. جيئن ته سيئي مجوزه ڊئم جر جي پاڻي جي سطح وڌائڻ لاءِ آهن،

جِن ۾ متوقع نقصان عارضي ۽ ڪجهه ڏينهن لاءِ هوندو، ڇاڪاڻ ته پاڻي جر ۾ هيٺ سيمو ڪري ويندو. تجويز ڪيل ڊئمن جي تعمير سان 6 ڪچا رستا ۽ 86 وڻ متاثر ٿيندا. اي ايس ايم پي بجيٽ ۾ مالي مدد خصوصي طور آبادي جي مالي سهائتا جي سفارش ڪئي وئي آهي، ته جيئن ڇاٽايل امڪاني اثرن جو ازالو ڪري سگهجي.

اِن ڳالهہ جو ڪاتو لڳايو ويو آهي تہ مٽي جاٽايل 11 ڊئمن جي اڏاوت لاءِ 86 وڻ وڍيا ويندا، وڍيل وڻن جي جاءِ تي 5 پيرا وڏيڪ وڻ پوکڻ جي قيمت جو ڪاتو هڪ هزار رپيا في وڻ جي حساب سان 43 لک رُپيا لڳايو ويو آهي. اي ايس ايم پي تي عملدرآمد لاءِ مجموعي بجيٽ 190، 132، 216 رپيا رکي وئي آهي، جنهن ۾ ڪورنا کان بچاءُ جا انتظام بہ شامل آهن. جڏهن تہ هر ڊئم تي مقامي ماڻهن جي ڀلائي لاءِ هڪ ڪروڙ رُپيا پڻ رکيا ويا آهن. هي رقم هر ڊئم جي اي ايس ايم پي ۽ بي او ڪيو ۾ عارضي طور شامل ڪئي وئي آهي.